# ذوالفقار آباد
# هڪ تڪراري رٿا

نصير ميمڻ

جولاءِ 2012ع

Trust for Conservation of Coastal Resources

ٽرسٽ فار ڪنزرويشن آف ڪوسٽل رسورسز (TCCR)

# ذوالفقار آباد

# هڪ تڪراري رتا

**نصير ميمڻ**

**جولاءِ** 2012ع

**ٽرسٽ فار ڪنزرويشن آف ڪوسٽل رسورسز** (TCCR)
**بنگلو نمبر، سيڪنڊ فلور، پرين لاج روڊ ڪراچي،** 75530
**فون:** +92-21-36027108
**اي ميل** : tccr2009@gmail.com **ويب سائيٽ** :www.tccrpk.org

# پس منظر

ذوالفقار آباد جنهن کي شروع ۾ جهرڪ شهر جو نالو ڏنو ويو ، ان جو ذڪر پهريون ڀيرو 2009ع ۾ ٻڌو ويو. انهيءَ رٿا کي اڳتي هلي ٺٽي ضلعي ۾ وڏيڪ ڏکڻ طرف جاتي، شاهه بندر، ڪيٽي بندر ۽ کارو ڇاڻ تعلقن ۾ عمل هيٺ آڻڻ جو رٿيو ويو.

صدر آصف علي زرداريءَ جي صدارت هيٺ 28 جنوري 2011ع تي ٿيل اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته انهيءَ رٿا لاءِ ٺٽي ضلعي جي ساموندي ڪناري وارن چئن تعلقن اندر 16 لک ايڪڙ ايراضي گهربل هوندي انهيءَ منجهان 12 لک ايڪڙ هن وقت سمنڊ جي ويرن هيٺ آهي. بورڊ آف ريونيو پاران هڪ پريزنٽيشن ۾ ٻڌايو ويو ته هن شهر لاءِ 13 لک ايڪڙ ايراضي استعمال هيٺ آڻي سگهجي ٿي جن مان ٽي لک 60 هزار ايڪڙ ٽڏي تي موجود آهي جڏهن ته 9 لک 60 هزار ايڪڙ سمنڊ مان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

انهيءَ پريزنٽيشن ۾ شهر لاءِ به هنڌ تجويز ڪيا ويا ۽ انهن جاين تي ايراضيءَ جي دستيابي جا وچور هن ريت پيش ڪيا ويا.

پهرين اوليت

| تعلقي جو نالو | دستياب سرڪاري ايراضي(ناقبولي ٻيلا ۽ ڪچو) ايڪڙن ۾ | سمنڊ اندر ايراضي (بند جي اڏاوت بعد حاصل ڪري سگهجي ٿي) ايڪڙن ۾ | ڪوڙن ڪاتن هيٺ ايراضي ايڪڙن ۾ | بي زمين ايڪڙن ۾ |
|---|---|---|---|---|
| رٿ هڪ | | | | |
| ڄامشورو | - | - | 100,000 | |
| ٺٽو | 30000 (ڪچو)<br>44000(ٻيلا) | هڪ ٻه نه | 350,000 | ڪاٽيون 70,000 (الف) هوا تي هلندڙ چڪيون 33,000 مال جا وٿاڻ/ فارم 33,000 |
| ميرپور ساڪرو | 100 (ڪچو) | 400,000 | 50,000 | 50,000 |
| گهوڙا ٻاڙي | 4,500 (ڪچو)<br>17,800 (ٻيلا) | 30,000 | - | - |
| ميرپور ٻٺورو | 1,600 (ڪچو)<br>40,000 (ٻيلا) | هڪ ٻه نه | - | - |
| سڄاول | 2,000 (ڪچو)<br>40,000 (ٻيلا) | هڪ ٻه نه | - | - |
| ڪل: | 666,000 ايڪڙ | | | |

| بين اوليت | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جاتي | 280,000<br>2,000 (ڪچو)<br>3,700 (ٻيلا) | 168,000 | - | - |
| شاهه بندر | 32,000 (ڪچو)<br>1,300 (ٻيلا) | 500,000 | - | - |
| ڪارو ڇاڻ | 5,0000<br>(ڪچو) | 176,000 | - | - |
| ڪيٽي بندر | 1000 (ڪچو) | 111,000 | | |
| ٽوٽل | 1,290,000 ايڪڙ | | | |

شهر لاءِ پريزنٽيشن ۾ ٻه هنڌ تجويز ڪيا ويا. اوليتي جاٽايل پهرين هنڌ ۾ جاتي، شاهه بندر، ڪارو ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر جا تعلقا شامل آهن. اهي تعلقا سنڌو درياءَ جي ٻنهي پاسن تي آهن. ڏانڌريءَ وٽ ٻنهي ڪنڌين کي جوڙڻ لاءِ 6 ڪلوميٽر ڊگهي پل تجويز ڪئي وئي. پريزنٽيشن ۾ رٿا جي پڪيڄ لاءِ امڪاني هنڌن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي. جهرڪن جي ڏکڻ اوڀر کان ويندي جاتي شهر جي اترين پاسي تائين جا علائقا انهيءَ ۾ شامل هئا. انهيءَ منجهه ميرپور بٺورو، سجاول، شاهه بندر ۽ جاتي تعلقا اچي وڃن ٿا. ٻيو امڪاني هنڌ جتي شهر آباد ڪري سگهجي سپر هاءِ وي ۽ نيشنل هاءِ وي جي وچ وارو علائقو هو.

ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي شهر جي بنيادي رٿابندي جو خاڪو (Conceptual master plan) جوڙڻ ۾ دلچسپي رکندڙن واسطي Expression of Intrest جاري ڪيو. انهيءَ ۾ دستياب ايراضي جا وچوڙ هن ريت ڄاڻايل هئا.

| نمبر شمار | تعلقو | سمنڊ هيٺ زمين ايڪڙن ۾ | دستياب سرڪاري زمين ايڪڙن ۾ | ڪل ايراضي ايڪڙن ۾ |
|---|---|---|---|---|
| | ڪيٽي بندر | 89,052.22 | 1,088 | 90,140.22 |
| | کارو ڇاڻ | 167,575.19 | 25,696.25 | 193,272.4 |
| | شاهه بندر | 535,238.05 | 29,989.10 | 565,277.15 |
| | جاتي | 175,175.09 | 308,537.14 | 483,712.23 |
| | ڪل | **967,040.55** | **365,310** | **1,332,353.24** |

سنڌ سرڪاري ذوالفقار آباد رٿا لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جي لاءِ سنڌ لينڊ مينجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ ڪمپني قائم ڪئي آهي. انهيءَ ڪمپنيءَ هڪ ڏڪ ۾ ٻه لک ايڪڙ هٿيڪا ڪرڻ لاءِ انهيءَ کي غير قانوني قبضي هيٺ آيل ايراضي قرار ڏئي ڇڏيو. علائقي ۾ ابن ڏاڏن کان آباد مهاڻن انهيءَ قدم جي رد عمل ۾ احتجاج ڪيو. سول سوسائٽي ۽ سياسي پارٽين غريب ماهيگير ڪميونٽي جي آواز سان آواز ملايو. نتيجي ۾ سنڌ سرڪار کي

قدم جهلڻا پيا ۽ قبضا ڇڏائڻ جي نالي تي ٿيندڙ اها ڪارروائي بند ڪئي وئي.

ذوالفقار آباد جا حامي انهيءَ ڪي 1995ع واري ڪيٽي بندر رٿا سان ڀيٽي انهيءَ جي حق ۾ دليل ڏين ٿا. بينظير ڀٽو جي ٻين حڪومت ۾ ڪيٽي بندر رٿا پيش ڪي وئي پر انهيءَ ڪان پوءِ ٻيون ڀيرو اقتدار جون واڳون سنڀاليندڙ نواز شريف جي دور ۾ اها رٿا سياسي انتقام جي ور چڙهي وئي. ڪيٽي بندر واري رٿا جا اهم جز هي هئا. (i) بجلي جي پيداوار لاءِ 5280 ميگاواٽ جو پلانٽ (ii)ڪراچي ڪان 148 ڪلوميٽر فاصلي تي ڪيٽي بندر وٽ اُونهي بندرگاهه (iii) ٿر جي ڪوئلي مان لاڀ (iv) جنگشاهي ڪان اسلام ڪوٽ تائين ريلوي لائين جي اڏاوت (v) ڄامشوري ڪان ڪيٽي بندر تائين بجلي جي ٽرانسميشن لائين وڇائڻ. ڪنساليڊيٽڊ اليڪٽرڪ پاور ايشيا (CEPA) سان رٿا بابت ناهه پڻ ٿي ويو هو پر 1996ع ۾ پيپلزپارٽي جي حڪومت ئي ختم ڪئي وئي ۽ نواز شريف 1998ع ۾ انهيءَ رٿا کي ختم ڪري ڇڏيو. هڪٻئي سان ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي هوندي بہ ڪيٽي بندر ۽ ذوالفقار آباد مختلف رخن ۾ هڪ ٻئي کان الڳ رٿائون آهن. ڪيٽي بندر رٿا لکين آبادي وارو وڏو شهر وسائڻ جو منصوبو نہ هو. اها علائقي اندر معاشي ترقي ۽ روزگار موقعا پيدا ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن مان اصل آبادي جي مفادن

۽ سنڌ جي آبادي واري نازڪ توازن کي ڪو خطرو نہ هو. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ انهيءَ وقت خطي جو سياسي منظر نامو بہ مثيل هو. 9/11 نائين اليون کان اڳ واري صورتحال ۾ آمريڪا ۽ چين جا هندي وڏي سمنڊ ۾ مفاد بہ ساڳيا نہ هئا. هاڻي سنڌ مان ڌار صوبي جي آواز ذريعي پنهنجن مفادن جون ڳيجهو ڏريون پڻ چرپر ۾ آهن ۽ انهن جون نظرون قدرتي وسيلن سان ڀريل ساموندي ڪناري تي ڪتل آهن. 1998ع واري آدمشماري واري تناظر ۾ آبادي جي توازن جي حساسيت اجا بہ ڪلي آڏو اچي رهي آهي ۽ اهو سنڌ جي رهاڪن لاءِ ڳڻتي جو مک سبب بڻجي ويو آهي. انهيءَ لحاظ کان ذوالفقار آباد جي پيٽ ڪيٽي بندر رٿا سان نہ ٿي ڪري سگهجي.

**علائقي جو نقشو**



# ضابطن جي پيچيدگي

رٿا کي هلائڻ واسطي سنڌ سرڪار 2010ع ۾ منظور ڪيل زيڊ ڊي اي ايڪٽ تحت هڪ خودمختيار ادارو ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي قائم ڪيو. زيڊ ڊي اي جي سرڪاري ويب سائيٽ تي اداري بابت ڄاڻايو ويو آهي تہ زيڊ ڊي اي جو سربراهہ مئنيجنگ ڊائريڪٽر هوندو جيڪو Special Initiatives واري کاتي هيٺ ڪم ڪندو. ايم ڊي هن ادراي جي سموري ڪم ڪار لاءِ اڪيلي سر ذميوار ۽ بااختيار آهي ۽ اداري ۾ ڪم ڪندڙ مختلف آفيسر ۽ عملو سندس هٿ ونڊائين ٿا. هن اداري جي سموري ڪم جو مرڪز ذوالفقار آباد نالي نئين شهر جي اڏاوت آهي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ اهو انساني وسيلن کان وٺي مناسب ڍانچي ۽ آفيس قائم ڪرڻ لاءِ گهربل مادي وسيلن جو انتظام ڪندو تہ جيئن نئين شهر جي اڏاوت ۾ سهولت پيدا ٿئي انهيءَ جون آفيسون ڪراچي ۽ ٺٽي ۾ هونديون.

زيڊ ڊي اي تصوراتي رٿا، ماسٽر پلاننگ، سروي، خاڪي بندي، ماحول، سامونڊي ڪناري، زمين جي انتظام، پاليسي جي جوڙجڪ ۽ فطري ماحول سميت نئين شهر ذوالفقار آباد جي اڏاوت واري ڪم سان ڳنڍيل هر معاملي کي هلائڻ جي ذميوار هوندي.

اخباري خبرن موجب انهيءَ رٿا هيٺ ڪا بہ اسڪيم منظور ڪرڻ جو اختيار انهيءَ اداري کي حاصل آهي ۽ ڪيس ان ڏس ۾ رٿابندي ۽ ترقيات واري صوبائي کاتي کان منظوري وٺڻ جي ضرورت بہ نہ آهي. اٿارٽي جي هڪ اعلي اختياراتي ڪميٽي کي سمورا فيصلا ڪرڻ واسطي اختيار مليل آهن. سنڌ صوبي جو چيف سيڪريٽري انهيءَ اٿارٽي جو هڪ عام ميمبر هوندو. علامتي طور ان جو سربراهہ وڏو وزير آهي ۽ عملي طور انهيءَ کي مينيجنگ ڊائريڪٽر هلائي ٿو جيڪو هن وقت هڪ اڳوڻو فوجي آهي. مينيجنگ ڊائريڪٽر ليفٽيننٽ جنرل (ر) افتخار حسين شاهہ ۽ ڊائريڪٽر آپريشنز شوڪت علوي ٻنهي وٽ سنڌ جو ڊوميسائل ڪونهي ۽ سنڌ سول سرونٽس رولز 1974ع موجب ڪين سنڌ حڪومت ۾ ڪنهن عهدي تي مقرر نہ ٿو ڪري سگهجي. ماهوار 9 لک روپيا پگهار ۽ ٻيون سهولتون حاصل ڪندڙ مينيجنگ ڊائريڪٽر کي شهري رٿابندي يا انجنيئرنگ جو ڪو لاڳاپيل تجربو ڪونهي. اها سنڌ ۾ پنهنجي قسم جي واحد ترقياتي رٿا آهي جنهن بابت سمورا فيصلا صدر پاڪستان جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاسن ۾ ڪيا ويا آهن. شهر جي رٿابندي ۽ ان تي عمل درآمد ۾ سنڌ حڪومت جو ڪو عملي ڪردار نہ آهي.

ادارن جي اها جوڙجڪ هن رٿا کي شروع ڪرڻ لاءِ حڪومت جي اُبهرائي کي ظاهر ڪري ٿي. رٿا تي تيزي سان عمل جي ڪوشش ۾ حڪومت رٿابندي ڪميشن پاران جاري ٿيل رٿا جي انتظام ڪاري جي اصولن جي پڻ پيچڪڙي ڪئي آهي. انهن گائيڊلائينز موجب 50 ڪروڙ کان وڏيڪ لاڳت وارين رٿائن جي منظوري قومي اقتصادي ڪائونسل جي انتظامي ڪميٽي ايڪنڪ (ECNEC)کان وٺي هوندي آهي. هيءَ رٿا اجا تائين منظوري لاءِ ايڪنڪ ۾ پيش ناهي ڪئي وئي.

هن وقت تائين هن رٿا جي عمل جوڳي هئڻ بابت پري فزيبلٽي (پي سي III)، فزيبلٽي (پي سي II) ۽ پروجيڪٽ ڊاڪومينٽ (پي سي I) موجود نہ آهن جيڪي هن رٿا جي فني ۽ ٻين تفصيلن جي وضاحت ڪري سگهن. طريقيڪار موجب سرڪاري توڙي سرڪار ۽ خانگي شعبي جي ڀائيواري ۾ شروع ٿيل هر رٿا واسطي اهي ٽي دستاويز لازمي هوندا آهن، ٻي صورت ۾ ان رٿا کي غير قانوني سمجهيو ويندو. انهن دستاويزن جي غير موجودگي ۾ هن رٿا بابت تمام ٿوري ڄاڻ ملي سگهي ٿي ۽ اها بہ اخباري رپورٽن مان حاصل ٿئي ٿي. سرڪاري عملدار هن رٿا جا وچور عوام آڏو نہ پيا آڻين. زيڊ ڊي اي جي سرڪاري ويب سائيٽ تي هن رٿا بابت نہ هئڻ برابر ڄاڻ ڏنل آهي. ويب سائيٽ تي ڏيکاريل گهڻا لنڪ اجا تائين پوري طرح تيار ئي نہ ڪيا ويا

آهن. اخبارن ۾ هن رٿا بابت ڪيترن ئي سرڪاري اجلاسن جون خبرون ته اينديون رهن ٿيون پر ويب سائيٽ تي انهن گڏجاڻين يا انهن ۾ ڪيل فيصلن بابت ڪابہ ڄاڻ ڏنل نہ آهي.

## چين جو عمل دخل

سنڌ سرڪار جي دعويٰ آهي تہ چين هن وڏي شهر جي اڏاوت لاءِ سيڙپ ڪندو. چين هن رٿا ۾ گهري دلچسپي ڏيکاري آهي. چين جي سيڙپڪارن جو وفد صدر سان ڪيترين ئي ملاقاتون ڪري چڪو آهي جيئن هن رٿا جي اهم نيڪن کي حاصل ڪري سگهجي. صدر پڻ ويجهڙائي ۾ چين جو دورو ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن چيني ڪمپنين وسيلي هن رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون پڻ ڪيون. روزاني ڊان ۾ 25 آگسٽ 2011ع تي ڇپيل هڪ خبر ۾ ڄاڻايو ويو هيو تہ چيني ڪمپنين ذوالفقار آباد ۾ هڪ اڪنامڪ زون قائم ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي آهي. اها 15 سالن واري رٿا پنجن پنجن سالن جي ٽن مرحلن ۾ مڪمل ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي.

چين جا هن علائقي ۾ اسٽريٽجڪ مفاد آهن. چين جي”موتين مالها (String of Pearls)“جي نالي سان جوڙيل حڪمت عملي جو مقصد هن علائقي ۾ پنهنجو اقتصادي ۽ فوجي مفادن کي هٿي وٺرائڻ آهي. دنيا جي ٻين وڏي اقتصادي طاقت چين هرموز جي

ساموندي لنگهه ڪان ملاڪا جي ساموندي لنگهه تائين فوجي ۽ معاشي اهميت رکندڙ علائقي ۾ پنهنجي اقتصادي ۽ فوجي چڱ مڙسي قائم ڪرڻ گهري ٿو. هندي وڏي سمنڊ جي هڪ ڇيڙي تي موجود هرموز واري ساموندي لنگهه مان ڪچي تيل جي 40 سيڪڙو چرپر ٿئي ٿي، جڏهن ته ٻي ڇيڙي تي موجود ملاڪا واري ساموندي لنگهه مان دنيا جا 50 سيڪڙو واپاري ٻيڙا لنگهن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته چين گوادر بندر واري رٿا لاءِ رقم فراهم ڪندڙ مک ملڪ هو ۽ انهيءَ رٿا ۾ بندرگاهه سان گڏ هڪ وڏي شهر جي اڏاوت پڻ شامل هئي. چين 250 ملين ڊالر واري  گوادر رٿا لاءِ 80 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ موڙي فراهم ڪئي. گوادر رٿا ۾ سهڪار انهيءَ ساڳي حڪمت عملي جو حصو سمجهيو وڃي ٿو جيڪا رٿا بلوچستان ۾ امن امان جي خراب صورتحال سبب ڪامياب نه ٿي سگهي. چيني انجنيئرن کي پڻ گوادر ۾ نشانو بڻايو ويو. اهو خيال پڻ موجود آهي ته آمريڪا چين سان مهاڏو اٽڪائڻ چاهي ٿو ته جيئن علائقي ۾ سندس سپر پاور بڻجڻ واري خواب کي ساڀيان ٿيڻ نه ڏجي. گوادر عربي سمنڊ، هندي وڏي سمنڊ ۽ ڏکڻ چيني سمنڊ ۾ هلندڙ انهيءَ سرد جنگ جو شڪار بڻجي ويو. گوادر ۾ پير نه ڄمائي سگهڻ ڪان پوءِ سمجهيو اهو پيو وڃي ته چين ان جي متبادل طور ذوالفقار آباد جي اڏاوت جي خواهش رکي ٿو. جيڪڏهن اهو خيال نيڪ آهي ته پوءِ اهي امڪان پڻ موجود آهن

تہ چين کي ناڪام بنائڻ جي لاءِ سنڌ ۾ بہ بلوچستان جهڙي صورتحال پيدا ڪري سگهجي ٿي. نتيجي طور انهيءَ جي قيمت پڻ سنڌ جي عوام کي چڪائڻي پوندي.

## مقامي ماڻهن جا حق

ساموندي ڪناري کي سڄي دنيا ۾ ڪاروباري مقصد خاطر سيڙپ لاءِ بهترين هنڌ سمجهيو وڃي ٿو ڇو تہ اتي رهائش، سياحت،صنعت ۽ واپار جا موقعا هوندا آهن. دنيا جون سڀ کان مهانگيون رهائشي اسڪيمون ساموندي ڪناري وارن شهرن ۾ اڏيون ويون آهن. زمين تي آباد 3 ارب ماڻهو ساموندي ڪناري کان 200 ڪلوميٽر تائين مفاصلي تي رهن ٿا. دنيا جا 17 مان 14 وڏا شهر ساموندي ڪناري تي آباد آهن. اها ترقي گهڻو ڪري انهن علائقن جي مقامي ماڻهن کي قربان ڪري حاصل ڪئي وئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ سول سوسائٽي هن رٿا جي سماجي ۽ ماحولياتي اثرن تي شديد خدشا ظاهر ڪيا آهن. ساموندي ڪناري تي موجود انهن ڳوٺن منجهان هزارين ماڻهن جي زبردستي نيڪالي ظاهري طور گهڻو پري نظر نہ پئي اچي.

زيڊ ڊي اي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر چين جي شهر شين زين (Shenzhen) جهڙو شهر وسائڻ جي خواهش ڏيکاري آهي جنهن جو دورو هو ويجهڙائي ۾ ڪري آيو هو. شين زين ماڊل هڪ

چرڪائيندڙ حوالو آهي. ان شهر بابت مختصر ڄاڻ ڪجهه هن ريت آهي. وڪي پيڊيا موجب شين زين، چين جي ڏاکڻي صوبي گوانگ ڊانگ جي ڏکڻ ۾ هڪ مک شهر آهي جيڪو هانگ ڪانگ جي اتر ۾ واقع آهي. هيءُ علائقو چين جو پهريون ۽ نهايت ڪامياب اسپيشل اڪنامڪ زون منجهان هڪ آهي. ان کي هن وقت انتظامي لحاظ کان سب پراونشل درجو مليل آهي، جنهن کي صوبي کان ڪجهه گهٽ اختيار هوندا آهن. شين زين پرل (Pearl) نديءَ جي ڊيلٽا ۾ هانگ ڪانگ سان لڳو لڳ آهي. اسپيشل اڪنامڪ زون قائم ٿيڻ کان پوءِ شين زين جي آبادي ۾ ڪاروهنوار ۾ تيزيءَ سان اوسر ٿي. هن وقت شين زين جي آبادي هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي، ان منجهان 60 لک ٻين علائقن مان لڏ پلاڻ ڪري آيل ماڻهو آهن. شين زين چين ۾ لڏ پلاڻ وارو سڀ کان وڏو شهر آهي. اسپيشل اڪنامڪ زون قائم ٿيڻ کان اڳ هتان جي مقامي آبادي ڪينٽونيز (Cantonese) ۽ هاڪا (Hakka) تي مشتمل هئي. 1980ع کان وٺي ٻاهران ايندڙن جي غير معمولي لوڏ هن شهر جي نسلي صورتحال کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ شين زين ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي وڏي ڦير گهير کان پوءِ مينڊارن (Mandarin) بڻجي وئي، جنهن کي چين جي مرڪزي حڪومت عام ڳالهه ٻولهه واري قومي ٻولي طور رائج ڪرايو جڏهن ته ٻين صوبن مان لڏ پلاڻ ڪندڙن ۽ انهن جي اولاد به ان کي هٿي وٺرائي. تڏهن کان هتان جون مقامي

ڪينٽونيز ۽ هاڪا برادريون ٿورائي ۾ تبديل ٿي ويون. انهن حقيقتن مان اهو چٽي نموني ظاهر ٿئي ٿو تہ جڏهن وڏا شهر آباد ڪيا ويندا آهن تہ اتان جي مقامي ماڻهن سان ڇا وهندو واپرندو آهي. ذوالفقار آباد رٿا واري علائقي ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جو آئيندو بہ شين زين جي اصلوڪن رهاڪن کان گهڻو مختلف نہ هوندو.

هن رٿا جي اڏاوت لاءِ امڪاني سهڪاري چين وڏين رٿائن تي عمل لاءِ ماڻهن جي جبري لڏپلاڻ ڪرائڻ جي حوالي سان اڳي ئي بدنام آهي. چين ۾ ٿري گارجز ڊيم واري رٿا جي ڪري 17 لک ماڻهن کي اباڻا اجها ڇڏڻا پيا. 2008ع وارين اولمپڪ راندين وڏيڪ 12 لک ماڻهن کي پنهنجن اجهن کان بيدخل ڪري ڇڏيو. پاڪستان جو ريڪارڊ پڻ انهيءَ ڏس ۾ چڱو نہ آهي. ذوالفقار آباد کان گهڻي ننڍي چوٽياريون ڊيم واري رٿا جي نتيجي ۾ بي گهر ٿيل ڪجهہ هزار ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاري وارو عمل پنهنجا نوازڻ ۽ بدعنواني جي ور چڙهي ويو. ذوالفقار آباد جي نتيجي ۾ لڏپلاڻ تي مجبور ٿيندڙن جي حالت پڻ ساري پئي آهي.

# آباديءَ جو توازن

سنڌين کي ذوالفقار آباد جي خوابن واري شهر ۾ لکين ڌارين جي ڪاهه جو خدشو آهي. سنڌين جي مٿان پنهنجي ئي ڌرتي تي ٿورائي ۾ مٽجي وڃڻ جي تلوار لڙڪي پئي. 1998ع جي آدمشماري موجب سنڌ اندر سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ 60 سيڪڙو هو جيڪو انهن لاءِ ڳڻتي جوڳي صورتحال کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ جي شهرن ۾ آبادي جا اهڃاڻ اڳي ئي سنڌين جي حق ۾ نہ آهن. سنڌ جي شهري علائقن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آبادي 25.8 سيڪڙو هئي جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ پنجاب جي شهرن ۾ پنجابي ڳالهائيندڙن جو حصو 78.75 سيڪڙو ۽ خيبرپختونخوا جي شهرن ۾ پشتو ڳالهائيندڙن جو حصو 73.55 سيڪڙو هو. سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ تہ اها صورتحال ويتر خراب آهي جو اتي سنڌي ڳالهائيندڙن جي آبادي رڳو 7.7 سيڪڙو هئي. 1998ع جي مردم شماري موجب سنڌ ۾ 28 لک 30 هزار لڏي آيل ماڻهو رهن ٿا جن مان 25 لک شهري علائقن ۾ آباد آهن. اهو لاڙو ظاهر ڪري ٿو تہ نئون شهر پڻ ڌارين جي ڪاهه جو نئون مرڪز بڻجي ويندو. غير سرڪاري ڪاٿن موجب ڪراچي ۾ 30 کان 40 لک غير قانوني پناهگير موجود آهن پر سرڪاري انگ اکر انهيءَ کان گهڻا گهٽ آهن. سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا 6 فيبروري 2009ع تي سنڌ

اسيمبلي کي ڄاڻ ڏني هئي تہ سنڌ ۾ 15 لک 60 هزار ڪان وڏيڪ ڏاريا رهن ٿا (ڊيلي ٽائيمز لاهور 7 فيبروري 2009ع).

ذوالفقار آباد جهڙي جديد شهر ۾ نون اقتصادي موقعن مان لاڀ پرائڻ لاءِ واڌو رقم ۽ سکيا ورتل افرادي سگهہ جي ضرورت هوندي. نئين شهر ۾ صنعت، بندرگاهن ۽ جهاز راني، واپار، زمين جي ڪاروبار، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين خدمتن ۾ سيڙپ جا نوان موقعا پيدا ٿيندا پر ڳوناٺي سنڌ سکيا ورتل افرادي سگهہ ۽ ناڻي جي کوٽ جي ڪري انهن موقعن مان لاڀ نہ پرائي سگهندي. انهيءَ پس منظر ۾ هڪ ڪروڙ جي امڪاني آبادي واري انهيءَ شهر ۾ ملڪ ۽ خطي جي ٻين حصن مان لکين ڏارين جا ڪٽڪ ڪاهي پوندا. اهو عمل هڪ ڏهاڪي ڪن اندر سنڌين کي ٿورائي ۾ آڻي ڇڏيندو. انهيءَ ڪري سنڌي ذوالفقار آباد واري رٿا کي پنهنجي نسل ڪشي جو هٿيار سمجهن ٿا.

## پاڻيءَ جون گهرجون

هڪ ڪروڙ آبادي واري شهر لاءِ وڏي مقدار ۾ پاڻي جي گهرج هوندي. ڪراچي جي تجربي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ انهيءَ اهم ڪم جي ذميوار ادارن ۾ ساک ۽ صلاحيت ٻنهي جي کوٽ آهي. اورنگي پائليٽ پروجيڪٽ (او پي پي ) جي هڪ تحقيق موجب ڪراچي کي هن وقت روزانو 695 ملين گيلن روزانو پاڻي ملي ٿو، جنهن ۾ سنڌو نديءَ مان 654 ايم جي ڊي ۽ حب ڊيم مان 50

ايم جي ڊي پاڻي شامل آهي. پاڻي جي واهپي جي معيار موجب هڪ ڪروڙ 60 لک آبادي واري شهر کي 600 ايم جي ڊي پاڻي گهربل هوندو آهي. ڪراچي جي آباديءَ جا وڏايل انگ اکر اهو مقدار هڪ هزار ايم ڊي جي تائين وڌايو ڇڏين ٿا. صنعتن کي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ 123 ايم ڊي جي پاڻي گهرجي. جيئن ته شهرين جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ مناسب مقدار ۾ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي پر ٽينڪر مافيا انهيءَ جو وڏو حصو چوري ڪيو وڃي. او پي پي جي رپورٽ ۾ ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته ٽينڪرن وسيلي پاڻي پهچائيندڙن جي ساليانی آمدني 50 ارب رپين جي لڳ ڀڳ هوندي. ڪمزور انفرااسٽرڪچر جي ڪري 40 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ پاڻي پائيپن مان سميو وڃي. اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ ۾ پاڻي جي کوٽ هٿراڌو آهي ۽ ان جا ذميوار پاڻي جو انتظام ڪندڙ ادارا آهن. پاڻي جي انهيءَ کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ K-IV رٿا جي شروعات ڪئي وئي ته جيئن ڪراچيءَ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي گهرج ۽ رسد ۾ فرق کي ختم ڪري سگهجي. انهيءَ رٿا واسطي 1200 ڪيوسڪ واڌو پاڻي سنڌو نديءَ مان ڏيڻو پوندو جنهن سان ٺٽي ضلعي ۾ 3 لک ايڪڙ زرعي زمين جي آبپاشي تي اثر پوندا. (روزاني ڊان 25 مئي 2012ع) انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) اڳ ۾ ئي ڪراچيءَ جي لاءِ تربيلا ڊيم مان اهو پاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. هن شهر کي مني پاڪستان ته چيو وڃي ٿو پر جڏهن

پاڻي جي گهرج پوري ڪرڻ جي ڳالهه اچي ٿي ته سنڌ کي پنهنجي حصي مان قرباني ڏيڻ لاءِ چيو وڃي ٿو.

انهيءَ پس منظر ۾ ڪوبه شڪ نٿو رهي ته نئون مني پاڪستان يا ٿي سگهي ٿو ته مني چين پنهنجي پاڻي جي گهرج پوري ڪرڻ جي لاءِ سنڌو درياءَ جي پاڻي تي هڪ ٻيو ڏاڙو لڳندو. ساموندي ڪناري وارن علائقن جي وڏي حصي ۾ جر جو پاڻي کارو آهي ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ ڪيترائي ڳوٺ پڻ ويران ٿي چڪا آهن. هاڻ نئين شهر جي لاءِ واڌو پاڻي جي فراهمي اڻٽر هوندي. سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ واهن جي پڇڙي وارا علائقا گهٽو ڪري سڪل ئي رهن ٿا ۽ پاڻي جو واڌو مقدار ٻي پاسي وڃڻ سان مقامي ماڻهن کان سندن جياپي جو وسيلو به ڦرجي ويندو. سنڌ سرڪار ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سنڌ ڪوسٽل ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروجيڪٽ هيٺ ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ ڪيل بيس لائن سروي موجب انهن ڇئن تعلقن ۾ هڪ لک چاليهه هزار ايڪڙ ايراضي تي مختلف فصل، ڀاڄيون ۽ ميووا ٿين ٿا. پاڻي جو رخ رٿيل شهر ڏانهن موڙڻ سان اها زرعي زمين غير آباد ٿي ويندي ۽ انهيءَ تي گذران ڪندڙ مقامي ماڻهو پنهنجي روزگار کان محروم ٿي ويندا. ڪراچيءَ جي تجربي کي آڏو رکجي ته ٽينڪر مافيا کي پنهنجي لاپائٽي

ڪاروبار جي لاءِ هڪ نئون مرڪز ملي پوندو. انهيءَ پاڻيءَ جي قيمت غريب مقامي ماڻهن کي ئي چڪائڻي پوندي.

## ماحولياتي مسئلا

سنڌو ڊيلٽا پاڪستان جي ماحولياتي ورثي واري تاج جو هيرو آهي. پنهنجي نرالي فطري ماحول جي ڪري سنڌو ڊيلٽا کي رامسر سائيٽ قرار ڏنو ويو ۽ ان کي ماحولياتي لحاظ کان وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌو ڊيلٽا تازي پاڻي جي گهٽ وهڪري ۽ سمنڊ پائي اچڻ جي ڪري اڳي ئي پنهنجي حيثيت وڃائي رهيو آهي ۽ اهي چار تعلقا ان ڊيلٽا جي سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل حصي ۾ آهن. ذوالفقار آباد رٿا جي حامين جو چوڻ آهي ته ڪناري تي سمنڊ کي پوئتي ڌڪي زمين حاصل ڪرڻ سان سمنڊ جي پائي اچڻ وارو عمل رڪجي ويندو ۽ زمين کي سمنڊ جي وڌيڪ چاڙهه کان به بچائي سگهبو. جيڪڏهن حڪومت انهيءَ علائقي ۾ زمين کي بچائڻ چاهي ٿي ته پوءِ انهيءَ لاءِ مناسب طريقي سان اڏيل هڪڙو بند به ڪافي هوندو. نئين شهر جي صورت ۾ زمين ته بچائي سگهجي ٿي پر انهيءَ مان هتان جي مقامي غريب ماڻهن کي ڪو فائدو نه ملندو. اها زمين خانگي شعبي جي سيڙپڪارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ونندي. ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان جي هڪ دستاويز موجب جنهن

علائقي ۾ هن رٿا جي اڏاوت ٿيڻي آهي ان ۾ ملڪ جي باقي بچيل ويل تمر جي ٻيلن جو 50 سيڪڙو موجود آهي. جن کي 1950ع واري ڏهاڪي کان محفوظ قرار ڏنو ويو هو. علائقي جي زمين جي استعمال بابت ويجهڙائي ۾ ڪيل ڪوجنائن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مختلف وڏين ۽ ننڍين ڪريڪز ۾ تمر جا ٻيلا 7.2 سيڪڙو، ڏٻڻ 40.2 سيڪڙو ۽ سمنڊ جو پاڻي 20 سيڪڙو علائقي تي موجود آهي. باقي رهجي ويل ٽيون حصو خشڪي وارو آهي جنهن ۾ 9 سيڪڙو تي زراعت ۽ وڻڪاري موجود آهي. جڏهن تہ ذوالفقار آباد لاءِ رٿيل علائقي جي باقي 24 سيڪڙو حصي تي غير آباد زرعي زمين ۽ رهائشي علائقا موجود آهن. رٿا واسطي تجويز ڪيل علائقي ۾ هڪ لک 35 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضي تي تمر جا ٻيلا آهن. انهن ٻيلن جو لڳ ڀڳ اڌ حصو ٻيلي کاتي جي انتظام هيٺ محفوظ قرار ڏنل علائقي ۾ آهي پر ٻيلي کاتي سان ڪنهن بہ مرحلي تي صلاح مشورو نہ ڪيو ويو. ساڳي نموني پاڪستان ۾ ماحول جي بچاءَ واري قانون موجب ان قسم جي رٿا واسطي ماحولياتي اثرن جو جائز وٺڻ لازمي آهي جنهن جو هڪ حصو سماجي اثر جو جائزو پڻ هوندو آهي. هن رٿا جي نوعيت کي ڏسندي ان جي اسٽريٽجڪ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو جائزو پڻ وٺڻ گهرجي پر انهن سمورين گهرجن جي بيدرديءَ سان لتاڙ ڪئي وئي.

# قدرتي آفتن جا خطرا

سامونڊي ڪنارن تي آباد شهرن کي هاڻ محفوظ هنڌ نہ پيو سمجهيو وڃي. ماحولياتي هاجن ۽ سامونڊي آفتن انهن شهرن کي گهڻي جوکم ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ايشيا جي اوڀرندن سامونڊي ڪنارن تي 2004ع ۽ جاپان ۾ 2011ع ۾ آيل سونامي سامونڊي ڪناري وارن شهرن جي جوکم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ وڏي شاهدي آهن. سياحت، صنعت، جهاز راني ۽ آبي وسيلا سيڙپڪاري لاءِ گهري دلچسپي جو سبب هجن تا جنهن سان قدرتي ماحولياتي نظام آهستي آهستي انساني هٿ چراند جي ور چڙهندو وڃي پيو ۽ ان جي جاءِ اسٽيل ۽ ڪنڪريٽ والاري پيو. سونامي جو شڪار ٿيل اوڀر ايشيائي ملڪن ۾ جهينگي جي صنعت 9 ارب ڊالرن تائين وڃي پهتي هئي ۽ اها اوسر وڏي علائقي ۾ تمر جي ٻيلن جي قرباني ڏئي حاصل ڪئي وئي. 2004ع ۾ آيل سونامي جي وڏي پيماني تي ٿيل تباهي انهن اقتصادي فائدن کي موڙي ڇڏيو جنهن جي دعويٰ انهن ملڪن ۾ جهينگي واري صنعت ڪندي هئي. انهن علائقن ۾ جيڪڏهن تمر جا ٻيلا هجن ها تہ سونامي جو اثر گهٽجي وڃي ها. ڪجهہ رپورٽن موجب سنڌ جي سامونڊي ڪنارن تي هڪ صديءَ ۾ چار وڏا سامونڊي طوفان سراسري طور ايندا هئا پر انهن جي شدت

۽ رفتار ۾ واڌ آئي آهي. صرف 1971ع کان 2001ع تائين هن علائقي ۾ 14 سامونڊي طوفان آيا. 2001ع کان 2010ع تائين يمين ۽ فيٽ نالي ٻہ تمام وڏا طوفان سنڌ جي سامونڊي ڪناري جي پاسي مان گذري ويا. انهيءَ ڪري ذوالفقار آباد کي بہ سنگين خطرا لاڳو رهندا. ڪراچيءَ جي تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ شهري واڌ تمر جي ٻيلن ۽ سامونڊي ڪناري جي فطري ماحول کي نہ پرجڻ جوڳو نقصان رسائي ٿي. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ ڪراچيءَ جي سامونڊي ڪناري تان تمر جا ٻيلا ذري گهٽ ختم ٿي چڪا آهن. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، پورٽ قاسم اٿارٽي ۽ ٻيلو کاتو پنهنجن سمورن دعوائن باوجود تمر جي ٻيلن جي واڍي روڪڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. رپورٽن موجب سنڌو ڊيلٽا ۾ هر سال تمر جا ٻيلا 2.3 سيڪڙو جي شرح سان ختم ٿيندا پيا وڃن جيڪا هڪ تمام وڏي ماحولياتي تباهي آهي. ذوالفقار آباد جي اڏاوت سان انهيءَ سموري علائقي مان تمر جي ٻيلن جو خاتمو ٿي ويندو ۽اهو علائقو طوفانن ۽ قدرتي آفتن جي ور چڙهي سگهي ٿو.

نئين شهر جي اڏاوت جي لاءِ جنهن هنڌ جي چونڊ ڪئي وئي آهي اهو زلزلي واري علائقي ۾ آهي. ان علائقي ۾ تباهي آڻيندڙ زلزلن جو صديون پراڻو ريڪارڊ پڻ موجود آهي. ڪجهہ تاريخدانن موجب 893ع ۾ آيل زلزلي سنڌو ڊيلٽا جي قديم شهر

ديبل کي تباهه ڪري ڇڏيو. هڪ ٻيو حوالو ننڍي جي ڳوٺ سماواڻي جو ملي ٿو، اهو ڳوٺ هڪ زلزلي ڪان پوءِ پنهنجي 30 هزار آبادي سميت پاڻي ۾ هليو ويو. (ڪراچي پاڪستان ۾ زلزلي جا خطرا: غير يقيني ماضي، غير يقيني مستقبل، ليکڪ راجر بل هيم ۽ ٻيا)

رٿيل شهر الله بند فالٽ ويجهو زلزلي واري متحرڪ زون تي آباد ڪيو پيو وڃي جتي شديد زلزلي جو امڪاني خطرو آهي. ان جي ڏاکڻي اوڀرندي پاسي گجرات جو زلزلي وارو زون ۽ اتر اولهندي پاسي مڪران سب ڊڪشن زون موجود آهن، انهن مان به هن رٿيل شهر کي گهڻو خطرو ٿي سگهي ٿو. ڀوڄ ۾ 2001ع ۾ آيل زلزلي جي تباهي سرحد جي ٻي پاسي وارن علائقن ۾ پڻ ڏٺي وئي. انهيءَ وڏي زلزلي 18 هزار 500 ماڻهن کي پنهنجو کاڄ بڻايو. ان زلزلي جا لوڏا ڪراچيءَ ۾ پڻ محسوس ڪيا ويا ۽ اتي ڪجهه عمارتن ۾ ڏار پڻ پئجي ويا. بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ به شديد لوڏا آيا ۽ عمارتن کي نقصان پهتو.

مچيو مورينو، جاويد اين ملڪ، پرشانت بشريٰ، چندر شيکر ڀوئيان ۽ فوميو ڪانيڪو جي لکيل هڪ ريسرچ پيپر ”ڀوڄ فالٽ ۽ ڪنٽرول هل فالٽ سان لڳولڳ متحرڪ فالٽ جا نشان ۽ ڀارت جي گجرات، ڪڇ ۽ وانڍي واري علائقي جو سروي“

موجب ڪڇ واري علائقي ۾ 19 هين صدي کان پوءِ وچولي کان شديد درجي جو زلزلو ٿي پيرا اچي چڪو آهي. انهيءَ کوجنا ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله بند ۽ ڪنٽرول هل وارن متحرڪ فالٽن کان سواءِ آئليند بيلٽ فالٽ ڪڇ، مين ليند فالٽ ۽ پوج فالٽ کان سواءِ ڪجهہ مانا فالٽ پڻ موجود آهن. اها حقيقت هن علائقي ۾ زلزلي جي خطري جي تجزيي کي وڏيڪ ڏکيو ۽ منجهيل بنائي ڇڏي ٿي. اهي فالٽ پاڪستان جي سرحد کان تمام ويجهو گذرن ٿا (ڏسو هيٺ ڏنل تصوير) ۽ انهن منجهان پيدا ٿيل زلزلي جا شديد لوڏا ڪنهن بہ وقت تباهي آڻيندڙ سونامي آڻي سگهن ٿا ۽ اها سونامي هن نئين رٿيل شهر واري علائقي لاءِ قيامت ثابت ٿي سگهي ٿي.




رٿا واري هنڌ جي ڀرپاسي جو زلزلي وارو نقشو

انهيءَ لاءِ ذوالفقار آباد ۾ زلزلي کان محفوظ اڏاوتن جي لاءِ تمام گهٽن وسيلن جي گهرج پوندي. ڪراچي جيڪو انهيءَ هنڌ کان 150 ڪلوميٽر فاصلي تي آهي اتي بہ زلزلي جا لوڏا اچن ٿا. جنوري 2011ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 7.3 شدت جو زلزلو آيو هو جيڪو ڪشمير ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ 2005ع ۾ آيل موتمار زلزلي جي شدت 7.6 کان ڪجهہ گهٽ هو. ڪراچي صرف انهيءَ ڪري زلزلي جي انهن لوڏن کان محفوظ رهيو جو ان زلزلي جو مرڪز بلوچستان ۾ 67 ڪلوميٽر گهرائي ۾ هو. اهو زلزلو سامونڊي ڪناري واري پٽي کي درپيش خطرن جي نشاندهي ڪري ٿو. ڪراچيءَ جي اولهہ واري پاسي مڪران جي ساحلي پٽي ۾ زلزلا ۽ سونامي اچي چڪا آهن. 1945ع ۾ زلزلي ۽ ان کان پوءِ آيل سونامي انهيءَ علائقي کي متاثر ڪيو ۽ ان جا اثر ڪراچيءَ ۾ بہ محسوس ڪيا ويا. ان زلزلي ۽ سونامي سان مڪران جي سامونڊي ڪناري تي وڏي تباهي آئي. سونامي پاڪستان جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن جي لاءِ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. ويجهڙائي ۾ 10 اپريل 2012ع تي انڊونيشيا ويجهو 8.7 شدت جو زلزلو آيو هو، جنهن کان پوءِ سونامي جو چتاءُ جاري ڪيو ويو. ڪنهن امڪاني سونامي جي خطري کان جن ملڪ کي خبردار ڪيو ويو هو، پاڪستان بہ انهن ۾ شامل هو.

## غلط اوليتون

سنڌ ۾ بنيادي ڍانچي جي تباهہ حالي ۽ بنيادي خدمتن جي معيار کي ڏسندي ان ڳالهہ تي حيرت ٿئي ٿي تہ اهي وسيلا صوبي ۾ موجود بنيادي ڍانچي ۽ خدمتن کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ ڇو نہ ٿا ڪتب آڻي سگهجن. سموري صوبي ۾ ڪٿي بہ پڪا روڊ نہ آهن، جڏهن تہ ننڍا شهر پڻ بنيادي ڍانچي کان محروم آهن. سنڌ جي ننڍن شهرن توڙي وڏن شهرن ۾ رهائش، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ صفائي جون سهولتون موجود نہ آهن. هزارين اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ بنيادي ضرورتون نہ آهن پر حڪومت انهيءَ تباهہ ٿيندڙ بنيادي ڍانچي ۽ خدمتن ڏانهن ڌيان نہ پئي ڏي. مثال طور سرڪاري انگن اکرن موجب صوبي اندر 10 هزار 722 اسڪول بنا عمارت جي هلي رهيا آهن، 24 هزار 559 اسڪولن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي نہ آهي. (سنڌ اڪنامڪ سروي 2011-2009ع) ساڳي دستاويز ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌ ۾ صحت جي سهولتن جي فراهمي غير مناسب آهي، هر 10 هزار ماڻهن لاءِ رڳو 3.5 ڊاڪٽر ۽ 1.1 نرسون موجود آهن. 2010ع ۽ 2011ع وارين ٻن وڏين ٻوڏن سنڌ کي تمام گهڻو نقصان رسايو. انهن ٻوڏن مان 50 هزار ڳوٺ متاثر ٿيا جڏهن تہ 25 لک گهرن کي نقصان پهتو. 2010ع واري ٻوڏ ۾ ٿيل نقصانن جي ڪاٿي موجب سرڪاري ۽ خانگي انفرااسٽرڪچر کي 3 کرب 72 ارب رپين جو نقصان پهتو.

2011ع واري ٻوڏ جو نقصان ٻہ انهيءَ کان گهٽ نہ هو. صوبائي حڪومت وٽ تباهہ ٿيل بنيادي ڍانچي جي مرمت جي لاءِ گهربل ڏوڪڙ نہ آهن. ڪراچيءَ تي آبادي جو دٻاءُ گهٽائڻ جي لاءِ وڏيڪ سمجهہ ڀري حڪمت عملي جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ ڳوٺن کان شهري علائقن ڏانهن لڏپلاڻ گهڻو ڪري وڌندڙ غربت، زمين ۽ پاڻي جي وسيلن تي دٻاءُ ۽ ٻهراڙين ۾ امن امان جي صورتحال جو نتيجو آهي. اها صورتحال ٻهراڙيءَ جي آبادي کي زندگي جي بهتر موقعن جي ڳولا ۾ شهري علائقن ڏانهن وڃڻ تي مجبور ڪري ٿي. سنڌ جي ڳوٺن، ننڍن شهرن، تعلقي ۽ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ سيڙپڪاري ڪري ٻهراڙين کان شهري علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ کي گهٽائي سگهي ٿي. ساڳي نموني سخت اميگريشن نظام ۽ ٻين ملڪن کان غير قانوني نموني ايندڙن تي ڪڙي نظر رکي ڪراچي کي ريليف پهچائي سگهجي ٿو. غير قانوني لڏپلاڻ خاص طور ڏارين جي ڪاهہ واري معاملي کي حل ڪرڻ بدران هڪ نئين شهر جي اڏاوت هڪ اهڙي حل جي ڳولا جي ڪوشش آهي جنهن جي اندر ڪيترائي نوان مسئلا لڪيل آهن. انهيءَ تناظر ۾ ذوالفقار آباد هڪ غير مناسب اوليت آهي ۽ ان جهڙي وڏي شهر جي اڏاوت کي اربين ڊالر خرچ ڪري ڇڏڻ ڏاهپ نہ هوندي.

نصير ميمڻ هڪ سرگرم سماجي ڪارڪن آهي، هو عوامي دلچسپي جي معاملن تي لڳاتار لکندو رهي ٿو. هيءُ دستاويز سنڌ ۾ ذوالفقار آباد نالي ويجهڙائي ۾ اعلانيل هڪ وڏي شهر جي رٿا بابت تحقيقي مقالو آهي. هن دستاويز ۾ رٿا جي اهم رُخن تي قلم ڪنيو ويو آهي جنهن ۾ مقامي ماڻهن جا حق، ضابطن جي پيچيدگي، آبادي جي توازن،ماحولياتي مسئلا، قدرتي آفتن جا خطرا ۽ ترقياتي اوليتون شامل آهن.